منهنجوابديت ڏانهن سفر

## ايمبولينس

هڪ رات مان جڏهن موريشيز پيٽ جي سمنڊ ۾ جهينگين جي ڳولا لاءِ تبي هئين ته پنج جيلي مڇهين مونکي چڪ هنيو، جن کي مقامي مهاڻا "اٽڏني" ڪوئيندا اَهن باڪس جيلي مڇهي جو چڪ ڏاڍو خطرناڪ ۽ موت مار هوندو آهي. آسٽريليا ۾ انهي جي چڪ هڻڻ سبب ستر ماڻهو مري ويا هئا. گهڻين ڪتابن ۾ انهي خاص قسم جي جيلي مڇهي جو شمار دنيا جي زهر واري مخلوق ۾ ٿئي ٿو.

جڏهن جيلي مڇهين مونکي چڪ هنيو ته منهنجو سڄو جسم چري پري نه پئي سگهيو. ان وقت مونکي ايمبولينس تي اسپتال وٺي پئي ويا ته منهنجي سڄي حياتي منهنجي سامهون نظراچڻ لڳي. ان وقت مان خدا تي يقين نه رکندو هئس . مونکي خبر هوئي ته منهنجي موت ويجهي آهي ۽ ڪاڃاڻ نه آهي ته انهي ڪانپوءِ به ڪا حياتي آهي يا نه.

جڏهن مان ستل هئس ته منهنجي امڙ دعا ڪندي ۽ اهو چوندي ڏسڻ ۾ آئي ته خدا کان معافی گهران ته هو مونکي معاف ڪندو. منهنجي خاندان مان منهنجي امڙ صرف دعاگو مسيحی عورت هئي. مان نه چاٺيندو هئس ته ڪيئن معافي گهران . ۽ ڪو خدا هجي جو مونکي دعا ڪرڻ سيکاري. ته اڇتو مونکي خدا دعا رباني ڏيکاري ۽ مان پنهجي سڄي حياتي ۾ پهريون ڀيرو دل سان دعا ڪئي ۽ خداوند کي پنهجي سڄي حياتي ڏيئي ڇڏي.

## موت ۽ دوزخ

ايمبولينس بيني ۽ انهن مونکي ويلچيئر تي ويهاري اسپتال وٺي ويا. نرس منهنجو به دفعه رت جو دٻاءُ ڏٺو پر انهن منهنجي دل جي ڪا به ڌڪ ڌڪ يا آواز نه ٻڌي منهنجي رڳون ڪم ڪرڻ ڇڏي ويون هئيون . ڊاڪٽرن منهنجي جان بچائڻ لاءِ ڏاڍاجتن ڪيا پر منهنجي حالت ساڳي رهي .

مونکي لڳو پئي ته منهنجو ساه پندره منٽن لاءِ منهنجي جسم کان پري ٿي ويو هو.

ان وقت مون پاڻ کي وڏي اونداهي ۾ محسوس ڪيو ۽ مونکي خبر به نه هوئي ته مان ڪٿي آهيان . مان روشنی جي لاءِ لائيٽ جي بٽڻ جي ڳولا ڪري رهيو هئس مان سمجهيس ته مان اسپتال ۾ آهيان. جيئن مان اونهائي ۾ ويس ته ڪنهن به شئي کي هٿ نه پئي هٽي سگهيس . مون پنهنجي منهن کي هٿ هنيو ته منهنجو هٿ منجهس لڳڻ بجاءِ وچان پئي ويو ۽ مان عجيب پئي محسوس ڪيو مان اتي بيهي پنهنجي جسم کي هٿ به نه پئي هٽي سگهيس. مان اتي بيهي سوچڻ لڳس ته هي ڪا عام اونداهي نه پر ٻيو ڪجھ اتي آهي مونکي محسوس ٿي رهيو هو جڻ ٻيو به ڪو اتي موجود مونکي ڏسي رهيو آهي جيئن ڪو روحاني پاڇولو هجي، اتان پئي آواز اچڻ لڳي ته مان انهي دوزخ جي لائق آهيان، مان انهي کي حقيقت پئي نه ڄاتو، انهي وقت مونکي روشني جو هڪ ڪرڻو نظر آيو جو مونکي ڏسندي ڏسندي ئي مٿي روشني ۾ ڪنيو ويو. مٿي ائين پئي لڳو ته ڪا روشني جي گولائي واري جاءِ هئي ۽ مان انهي ڏانهن مٿي جي ذرن وانگر انهي ۾ مٿي هلندو ويس.

**سفر**

مون پاڻ کي ڪنهن ڊگهي پر سوڙهي رستي ڏانهن ويندي ڏٺو جيئن ڪا غار هجي انهي جي آخر ۾ مان روشني کي ڏٺو. ائين پئي لڳو ته جيئن ڪو ڪائنات جو مرڪز هجي. مان انهي نورانيت کي ڏسي رهيو هئس ۽ مان انهي ڏانهن تمام تيزي سان وڌي رهيو هئس. انهي غار واري رستي تي منهنجي منجهان هڪ نوراني لهر لنگهي جنهن سان مون محسوس ڪيو ته منهنجي روح کي تقويت ملي. اهو سڀ ڏاڍو سٺو پئي لڳو. اها ڪا عام روشنی نه پر زندگی مثل هئي. اڌ رستي تي هڪ روشنی جي لهر جيڪا منهنجي جسم کي حقيقی امن هڪ ٻئي لهر جنهن منهنجي جسم کي حقيقی خوشی بخشي. ان رستي تي مان پاڻ کي وڏي نور ۽ طاقت جي ويجهو محسوس ڪيم.ائين پئي لڳو جيئن اهو ڪائنات محور هجي. مان اتي بيهي سوچي رهيو هئس ته اهو رڳو ڪائنات جو نور آهي يا ڪا ٻي قوت انهي جي وچ ۾ بيٺي آهي. جلد ۾ هڪ آواز ٻڌڻ ۾ آيو جنهن منهنجو نالو وٺي چيو ته ڇا تون واپس وڃڻ چاهين ٿو. واپس وڃڻ! مون سوچيو ته مان هاڻي ڪٿي آهيان. مون پنهنجي پٺتي ڏٺو ته اهو غار وارو رستو اونهي اونداهي ۾ گم ٿي ويو.

# روشني

مون سوچيو تہ اوندھ، اسپتال جو بسترو يا مان سچي ۾ پنھنجي جسم کان ڌار آھيان. ڇا ھي حقيقت آ؟ ڇا مان اتي بيٺو آھيان؟ يا مان بيھوش آھيان ۽ کو خواب ڏسي رھيو آھيان مان روشني کي ڏٺو اھا اتي ئي ھئي. مون راڻيو تہ جيڪر مان پنھنجي جسماني حالت ۾ نہ آھيان تہ پوءِ مان واپس وڃڻ چاھيان ٿو.مون کي جواب مليو جيڪر تون واپس وڃڻ گھرين ٿو تہ پوءِ توکي نور ۾ ھلڻو پوندو. مون سوچيو تہ اھا روشني سامھون وارو نورآھي. مون پوڇيو ڇا اوھين اھو حقيقي نور آھيو؟ تہ منھنجي سامھون اھي لفظ آيا تہ خدا نور آھي ۽ ان ۾ ڪابہ اونداھي نہ آھي.(يوحنا 1:5) مان ان کان اڳ ڪڏھن بہ خدا جو ڪلام نہ پڙھيو ھو ۽ مونکي خبر نہ ھئي تہ اھو بائيبل ۾ لکيل آھي.مون سوچيو تہ خدا نور آ ۽ اھو ئي حقيقي نور آھي. مان اونداھي مان آيس ۽ مون اتي ڪا بہ اونداھي نہ ڏٺي. نہ ئي مون ڪا شيطاني قوت يا ڀوت ڏٺو. ايئن پئي لڳو ڄڻ مان خدا جي حضوري ۾ بيٺو ھجان. ھن منھنجو نالو وٺي سڏ ڪيو ۽ مون پاڻ نہ ٻڌايو، اھو تہ خدا ئي ڪري سگھي ٿو. خدا تہ اھو بہ ڄاڻي ٿو تہ منھنجي دل ۾ ڇا آھي. خدا تہ اھو بہ ڄاڻي سگھي ٿو تہ مون پنھنجي زندگي ۾ ڪھڙا برا ڪم ڪيا. مان نہ ٿو چاھيان تہ خدا انھن کي ڏسي. انھي وقت مان وڏو شرمندو ٿيس ۽ چاھيم پئي تہ واپس اونداھي ڏي ھليو وڃان جيڪا منھنجي اصلي جاءِ آھي. مان سمجھيس تہ ڪنھن کان غلطي ٿي وئي آھي جو مونکي ان جاءِ تي وٺي آيا آھن. مان انھي وقت پٺتي اونداھي کي ڏٺو تہ پوءِ ھڪ روشني جي لھر مونکي لڳي ۽ مان خدا جي حقيقي محبت محسوس ڪئي ۽ اھو تہ خدا مون سان ڪيترو پيار ڪري ٿو. مون مجبوري واري حالت ۾ ان جو نالو ورتو پر پھريائين نہ ڄاتو مان ھڪ سٺو ماڻھو نہ آھيان. ڪا ڳالھ نہ ھئي تہ مان ڇا چيو پر خدا جي محبت مون ۾ ظاھر ٿيڻ لڳي. مون پاڻ کي خدا جي سامھون روئڻ جھڙو محسوس ڪيو. مان ڏاڍي خوشي محسوس ڪري رھيو ھئس تہ خدا مونکي انھي برائي واري حالت ۾ معاف ڪيو.

جيئن محبت جي ڪرڻن جو اچڻ بند ٿيو تہ مان روشني ۾ پنھنجا قدم وڌائي خدا کي ڏسڻ پئي چاھيو پئي. انھي وقت مان تمام گھڻو ويجھو ھئس. مان پڇا ڪئي تہ ڇا مان اڳتي وڌي سگھان ٿو پر ڪو جواب نہ مليو. مان سمجھيس تہ خدا مون سان ايتري محبت ڪئي آھي ۽

انهي ڳالھ تي ناراض نہ ٿيندو۔ مون پنهنجا قدم انهي روشني ۾ کنيا ۽ پاڻ کي انهي ۾ گم ٿيندي ڏٺو۔ اها تمام تکي روشني هئي جنهن کي مان سڌو ڏسي نہ پئي سگهيس۔ مونکي لڳي رهيو هو تہ روشني مون ۾ جذب ٿي رهي هئي۔ انهي جو مرڪز گھڻو چمڪي رهيو هو۔ ۽ مان انهي پاسي وڌڻ پئي چاهيو۔ مونکي انهي جاءِ وٽان ڪا وڏي ڏاهپ جي قوت محسوس ٿي رهي هئي جيڪا منهنجي دل کي آٿت ۽ سڪون بخشي رهي هئي۔ منهنجي دل ۽ جان کي تمام سٺو لڳي رهيو هو۔ جيڪو تمام سٺو هو۔

## خدا

اوچتو اها جاءِ وچان کلي وئي ۽ منهنجي سامهون هڪ شخص نظر ۾ آيو پر اهڙو پهريان مون ڪڏهن نہ ڏٺو هو۔ ان جا ڪپڙا تمام گهڻا اڇا چمڪڻ پيا جيئن ڪو نوراني ڪپڙا هجن۔ مان ان جي هٿن کي پليڪار ڪندي ڏٺو۔ مان ڄاڻيان پيو تہ مان خدا کي ڏسي رهيو آهيان۔ جڏهن مون منهن ڏي ڏٺو تہ روشني جي طاقت پيٺي ٿي پئي۔ توهان خدا کي ڏسي نہ ٿا سگهو۔ ڄاڪاڻ تہ ان جو منهن صاف ۽ پاڪ نور آهي۔ ڇا خوبصورتي هئي اها! مون خدا کي چيو تہ ڇا مان اڳتي قدم وڌايان؟مان اهو سمجهيس تہ مان اهو ڪري سگهان ٿو۔ مان خدا کي ڏسڻ پيو چاهيان۔انهي وقت منهنجي چوڌاري محبت جي لهرن گهمڻ شروع ڪيو مان پنهنجو پاڻ کي تمام پرسڪون محسوس ڪرڻ لڳس۔ جڏهن مان اڃا هڪ قدم پري هئس تہ مان خدا جي شبيھ تي ڏسڻ پئي گهريو۔ مان نہ پئي ڄاڻيو تہ ڪو ماڻهو خدا کي ڏسي زنده رهي سگهي ٿو۔ مون پنهنجي منهن کي گهمائي ڏٺو تہ منهن ڪنهن چمڪدار شئي سان ڍڪيل هئس۔ ۽ جڏهن خدا پنڌي موڙيو تہ سندس سڄي معموري ساڻس موڙي وئي۔ ان جي پنيان هڪ نئين دنيا کولي وئي۔ ساوڪ، هڪ صاف شفاف ندی، هلندڙ جبل، مٿي نيرو آسمان، منهنجي ساڄي پاسي وڻ ۽ گلن جي وٽڪار، خدا جو نور سينن پاسي۔ سڀ ڪجھ اٽڏنل پئي لڳو۔ حقيقی تخليق!۔ مون پنهنجي دل ۾ ڄاتو تہ منهنجو تعلق اتان ئي آهي ۽ منهنجي رهڻ لاءِ خدا انهي کي ٺاهيو۔ مان ڄاڻيان پيئو تہ مان پنهنجي حقيقي گهر ۾ آهيان۔

## واپسي

مان اجا اتي داخل ۽ تحقيق ڪرڻ وارو هئس ته خدا مونکان پڇيو ته تو هاٽي سپ ڪجھ ڏٺو. تون اندر اچڻ چاهين ٿو يا واپس ويندي. مان سوچيوته مان واپس نه ويندس. منهنجو ڪو دنيا ۾ نه آهي ۽ اتي مونکي ڪو به پسند نه ڪندو هو.سيني مونکي استعمال ۽ هيٺ ڏيکاريو. منهنجو ڪو به نه آهي مان اتي ئي رهندس. خدا اتئي موجود هو ۽ مون سوچيو انهي ظالم دنيا کي ڇڏي ڏيان. پويان منهنجي امڙ انهي غار جي ويجهي بيٺي هئي ۽ مون سوچيو ته منهنجي خاندان ۾ رڳو هڪ منهنجي امڙ هئي جنهن مونکي پيار ڪيو ۽ انهي منهنجي لاءِ هر ڏينهن دعا ڪئي ۽ صحيح رستو ڏيکاريو.

مون سوچيو ته جيڪڏهن مان مئل آهيان ۽ مان جنتي ٿيان ٿو ته منهنجي امڙ مون لاءِ ڇا سوچيندي. ڇا هن کي خبر پوندي ته مان جنت ۾ آهيان يا دوزخ ۾؟ ڇاڪاڻ ته اها ڇاٽيندي هئي ته منهنجو خدا تي ايمان نه هو. مون محسوس ڪيو ته امڙ جو دل نه پڇي پوي ۽ اهو ته هو ڇاٽيندي هجي يا نه ته خدا هن جون دعائون ٻڌي ورتيون آهن ۽ مونکي ايمبولينس ۾ ئي مونکي معاف ڪري ڇڏيو. مون سوچيو ته مان پنهنجي امڙ سان ائين ڪيئن ڪري ٿو سگهان. ۽ اهو رڳو انهي لاءِ ته جنت ۾ اهڙي ريت هليو وڃان ۽ مان انهي گهڙي فيصلو ڪيو ته مان واپس زمين تي انهن ماڻهن ڏانهن ويندس.

انهي مهل خدا مونکي چيو ته جيڪڏهن تون واپس ويندي ته ضروري آهي ته مان سچي ڳالهين کي نئين نور ۾ ڏسان. مون ڏٺو ته مونکي خدا جي نظر سان ڏسڻو پوندو جيئن محبت، خوشي، معافي، انهي جي روحاني خيالن سان نه ڪو منهنجي فاني ۽ عارضي خيالن سان. پٺتي مون انهي غار کي ڏٺو ته مونکي منهنجو سڄو خاندان ۽ ٻيا گهڻا هزارين ماڻهو ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. مون خدا کان پڇيو ته انهن جو ڇا ٿيندو. خدا جواب ڏنو ته جيڪڏهن تون واپس نه ويندي ته انهن مان گهڻن کي مونکي ڄاڻڻ جو موقع نه ملي سگهندو.

مون خدا کي ٻڌايو ته مان انهن مان گهڻن کي نه ٿو سڃاڻيان ۽ انهن سان محبت به نه اٿم. پر مان پنهنجي ماءُ سان محبت ڪندو هئس ۽ انهي ڪري مان واپس وڃڻ پيو چاهيان. خدا مونکي چيو ته مان انهن سيني ماڻهن سان محبت ڪندو آهيان ۽ چاهيان ٿو ته اهي سپ به مونکي ڄاڻن. مون خدا کي چيو ته مان واپس هيٺ غار ۾ ڪيئن وڃان ۽ اسپتال جي بستري تي موجود

هجان. خدا مونکي چيو تہ پٽ پنهنجي مٽي کي هيٺ ڪري اکين کي بند ڪر. هاڻ پنهنجي اکين ۾ پاٽياٽ کي محسوس ڪر ۽ پنهنجي اکين کي کول ۽ ڏس. انهي مهل مان جلدي پنهنجي جسماني حالت ۾ اچي ويس

## زمين تي واپسي

جيئن مان پنهنجي اکين کي کوليو، مان واپس اسپتال جي بستري تي پنهنجي ساڄي ڄنگهہ کي مٽي اٽيل ڏٺو.هڪ انديا جو ڊاڪٽر ان کي جهليو بيٺو هو جيڪو منهنجي جان بچائي رهيو هو. ان جي هٿ ۾ چاقو ۽ ڪجھ تکا اوزار هئا. هو منهنجي پير اندر ڪا شي دٻائي رهيو هو. ان کي خبر نہ هئي تہ مان ڏسي رهيو آهيان. مان سوچڻ لڳس تہ ڊاڪٽر چاقو سان منهنجي پير کي ڇا ڪري رهيو آهي.ان مهل ڊاڪٽر کي ڪتڪو محسوس ٿيس ان مونکي لڙي ڏٺو ۽ منهنجي هڪ اک کي کليل ڏٺو. انهي مهل ان جي منهن تي خوف ڏسڻ ۾ پئي آيو ڇڻ هو ڪنهن مري ويل کي زنده ڏسندو هجي. منهنجي اک اجا اتري کليل نہ هئي مون ڏٺو تہ ڊاڪٽر سوچي رهيو آهي تہ منهنجي پير کي ڇا ڪري. انهي کي لڳو تہ ڪو جن پوت ڏسي رهيو آهي هو ڊڄي تڪڙو هليو ويو. مان انهي وقت اهو پئي سوچيو تہ ڇا خداکي مون ڏٺو آهي ۽ انهي منهنجي زندگي مون کي موٽائي ڏني آ. مان اجا اتي ستل هئس تہ خدا جو آواز ٻڌم تہ پٽ مان تنهنجي زندگي واپس موٽائي ڏني آهي. مون چيو تہ جيڪڏهن اهو سڀ ڪجھ سچ آهي تہ مان بيمار محسوس ڪيان پيو مونکي قوت ڏي تہ مان ٻيهي سگهان. منهنجي ڳاتي ۾ طاقت آئي ۽ مان ٻي بہ اک کولي ڏني تہ در سان گڏ گهٽيون نرسون ۽ ٻيا ڏٺم جيڪي مون ڏي ڏسي رهيا هئا. ڇڻ هو ڪنهن مري ويل کي زنده ڏسندا هجن.

جڏهن مان انهن کي ڏٺو تہ سڀ در کان ٻاهر وڃڻ لڳا.منهنجي سمجھ ۾ مان پنڌرهہ منٽن لاءِ مئل هئس. مان انهي رات خدا کان دعا گهري تہ مونکي نيڪ ڪري ۽ مان اسپتال مان وڃي سگهان. انهي رات مان تندرست ٿي ويس ۽ اسپتال مان وڃي سگهيس. مون خدا کان پڇيو تہ هاڻ مان ڇا ڪيان مان ڏسان پيو تہ منهنجي سڄي زندگي تبديل ٿي رهي هئي. خدا مونکي ٻڌايو تہ مان هڪ مسيحي آهيان ۽ مونکي خدا جو ڪلام بائيبل پڙهڻ گهرجي. مان ان کان اڳ ڪڏهن بہ بائيبل کي ڪو نہ پڙهيو هو ۽ نہ ڪڏهن نئون مخلوق ٿيو هئس. مان بائيبل کي ڇهن

هفتن ۾ پڑهيو ۽ مان پهريان وانگر نہ رهيس. ۽ ايمان ٿو رکان تہ مان پنهنجي خداوند مسيح کي ان جي معموري ۾ ڏٺو. (مڪاشفو 1: 13ـ18).

جيڪڏهن اوهين نجات جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻڻ چاهيو ٿا. انهي صفعي کي پڑهندا.

*Have a look at the salvation page on this website.*